# يزيد جو

# دردناک انجام

هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سنتن ڀريو بيان

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# يزيد جو دَردَناڪ اَنجام

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله    وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله    وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺندا ڪريو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرودِ پاڪ جي فضيلت

سرڪارِ ابدِ قرار، بنهي جهانن جي مالڪ و مُختار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ رَحمت نشان آهي: اي انسانو! بيشڪ قِيامت جي ڏينهن اُن جي دَهشتن ۽ حِساب ڪِتاب کان جَلد نَجات حاصل ڪرڻ وارو اهو شَخص هوندو، جنهن مون تي دُنيا ۾ بڪثرت دُرُود شريف پڙهيا هوندا.(1)

1 ...فردوس الاخبار، ج٢ / ٤٧١،حديث: ٨٢١٠



www.dawateislami.net

گر اُن کی رَسائی ہے لَو جب تو بَن آئی ہے　　سُنتے ہیں کہ مَحشر میں صرف اُن کی رَسائی ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري ونون ٿا.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.[2]

ٻہ مدني گُل: (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.
(2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اُلجهڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذكُرُوالله تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

2......(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)



www.dawateislami.net

## بيان ڪرڻ جون نِيّتون

آئون بہ نِيّت ڪريان ٿو ❁ الله جي رِضا حاصل ڪرڻ ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ بيان ڪندس ❁ ڏسي بيان ڪندس ❁ سيپاري 14 سورة النحل آيت نمبر 125: اُدْعُ اِلٰى سَبِيْلِ رَبِّكَ بِالْحِكْمَةِ وَ الْمَوْعِظَةِ الْحَسَنَةِ "ترجمو ڪنزالايمان: پنهنجي ربّ جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجھ ۽ چڱي نصيحت سان" ۽ بخاري شريف (حديث:4361) جي هن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: بَلِّغُوْا عَنِّيْ وَلَوْ آيَةً[3] يعني "منهنجي طرفان پهچايو جيتوڻيڪ هڪ ئي آيت هجي" ۾ ڏنل احڪام جي پيروي ڪندس ❁ نيڪي جو حڪم ڏيندس ۽ بُرائي کان منع ڪندس ❁ شعر پڙهڻ، عربي، انگريزي ۽ ڏکيا لفظ ڳالهائڻ دؤران دل جي اخلاص تي توجُّھ رکندس يعني پنهنجي علميت جو ڌاڪو ويهارڻ مقصود ٿيو تہ ڳالهائڻ کان بچندس ❁ مَدَني قافلي، مَدَني انعامات ۽ علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت وغيره جي رغبت ڏياريندس ❁ ٺهڪ ڏيڻ ۽ ڏيارڻ کان بچندس ❁ نظر جي حفاظت بڻائڻ جي خاطر حتي الامڪان نگاھون جهڪائي رکندس.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هي مُحَرَّمُ الحَرام جو مهينو آهي ۽ هي اهو مهينو آهي، جنهن ۾ ڪربلا جو واقعو پيش آيو، جنهن ۾ يزيد ۽ يزيدين نواسہ

---

[3] (بخاري، ڪتاب احاديث الانبياء، باب ما ذکر عن بني اسرائيل ج2، ص 462 حديث 3461)



www.dawateislami.net

رسول، حضرت سَيِّدُنا اِمام حُسَين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ سميت ڪم و بيش ٻاهتر (72) قابلِ اِحترام هستين سان نہ صرف اِنتهائي نامناسب سُلوڪ ڪيو بلڪ اُنهن مان ڪيترن جي خُونِ ناحق سان بہ پنهنجي هٿن کي رنگي ڪري ظُلم ۽ زِيادَتي جو اهو طوفانِ بدتميزي برپا ڪيو جنهن جو داستان عاشقانِ صحابہ و اهلبيت جي لاءِ اِنتهائي اَذِيت جو باعِث آهي. يزيد پليد، اِبنِ زِياد ۽ جيڪي ماڻهو ان بد بختن سان گڏجي اُن مُبارَڪ هستين کي اِيذاء ڏنو ۽ شَهادت جا ذِمّي دار بڻيا ، اُنهن سيني جو دُنيا ۾ بہ عبرتناڪ اَنجام ٿيو ۽ آخرت ۾ بہ اُنهن کي ذِلَّت ۽ رُسوائي کي منهن ڏيڻو پوندو. اچو تہ يزيد پليد جي فسادن ۽ ان جي دَردناڪ اَنجام جي باري ۾ ڪجهہ ٻڌون ٿا.

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## يزيد پليد ڪير هو؟

يزيد اهو بد نصيب شخص آهي، جنهن جي پيشاني تي اهلِ بَيتِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي بي گُناهہ قتل جو ڪارو داغ آهي ۽ جنهن تي هرزماني ۾ مسلمان مَلامت ڪندا رهيا آهن ۽ قيامت تائين ان جو نالو حَقارت (ذِلَّت) سان گڏ ورتو ويندو. هي بَد باطن، سِياهہ دل (شخص) 25 هجري ۾ دِمشق ۾ پيدا ٿيو،موٽو بدنُما ،گهڻن وارن وارو، بداَخلاق، بد مِزاج، فاسق، فاجر، شرابي، بدڪار، ظالم، بي اَدب، گُستاخ هو. ان جون شرارتون ۽ بي حيائون اهڙيون هيون جنهن کان بدمُعاشن کي بہ شرم اچي وڃي. جن سان شرعًا نڪاح حرام آهي يزيد ان سان نڪاح کي رواج ڏيڻ وارو، سُود ۽ ٻين حرام ڪمن کي اعلانيہ ڪرائڻ وارو هو.
(خلاصه از سوانح کربلا،ص١١١،ملتقطاً)



www.dawateislami.net

غَيب دان آقا، مڪي مدني مُصطَفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ﷺ پنهنجي زمانهء نُور بار ۾ وقتًا فوقتًا صحابهء ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کي يزيد پليد جي فتني کان آگاهه فرمائيندا رهيا. جيئن ته

حضرت سَيدُنا ابُودَرداء رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جن فرمايو ته مون نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي فرمائيندي ٻڌو ته اَوَّلُ مَنْ يُّبَدِّلُ سُنَّتِيْ رَجُلٌ مِّنْ بَنِيْ اُمَيَّةَ يُقَالُ لَهٗ يَزِيْدُ يعني منهنجي سُنَّت کي ڦيريون بدلڻ وارو بَنواُمَيه جو هڪ شخص هوندو، جنهن جو نالو يزيد هوندو. (تاريخ مدينه،يزيد بن صخر...الخ، ۲۵۰/۶۵، رقم:۸۲۹۲) هڪ ٻي موقعي تي اِرشاد فرمايو: منهنجي اُمّت ۾ عَدل ۽ اِنصاف قائم رهندو، ايستائين جو ڦيريون پيچڪَڙي ڪندڙ، بنواُمَيه جو هڪ شخص هوندو، جنهن جونالو يزيد هوندو.[4]

يزيد پليد جي فتنه انگيزين جي باري ۾ سرڪارِ نامدار،غَيبن تي خبردار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اِنهي پيشنگوين جي سبب مشهور صحابي رسول حضرت سَيدُنا اَبُو هُرَيره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ پنهنجي وصال کان پهريان هي دُعا گهُرندا هئا: اَعُوْذُ بِالله مِنْ رَأْسِ السِّتِّيْنَ وَاِمَارَةِ الصِّبْيَان"يعني اي الله عَزَّوَجَلَّ! آئون توکان پناهه ٿو گُهران، 60 هجري جي آغاز ۽ ڇوڪرن جي حڪومت کان." بس اوهان جي هي دُعا قبول ٿي ۽ 59 هجري ۾ (بمقام مدينهء طَيِّبه ۾) سندن جو اِنتقال ٿيو (۽ نيڪ 60 هجري ۾ يزيد پليد مَسنَدِ سَلطَنَت تي نمودار ٿيو.)[5]

---

4...فردوس الاخبار،ذكرالفصول من ادوات الالف واللام،باب اللام الف،۴۲۷/۲،حديث: ۷۷۰۹

5... عمدة القارى ،كتاب العلم ،باب حفظ العلم،۲۶۱/۲، رقم: ۱۲۰



www.dawateislami.net

## يزيد پليد جا فساد

صَدرُ الاَفَاضِل حضرت علّامه مولانا مفتي سَيد محمد نعيمُ الدّين مُراد آبادي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه يزيد پليد جي حضرت سيدنا امام حُسَين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ سان دُشمني جو سبب بيان ڪندي ۾ شهادتِ امام حُسَين کان پوءِ يزيد جي طرف کان مڪّي ۾ مديني شريف جي مسلمانن تي ٿيڻ واري ظُلم ۾ زِيادَتي جو تَذڪرو ڪندي ارشاد فرمائن ٿا تہ حضرت امام حُسَين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جو وُجُودِ مُبارَڪ يزيد جي آزادين جي لاءِ هڪ زبردست مُحتَسِب (يعني حساب وٺڻ وارو) هو، اهو چاهيندو هو تہ امام حسين (رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ) جي زمانهء مُبارَڪ ۾ ان کي کُلي ڪري کيڏڻ جو موقع نہ ملندو ۾ ان جي ڪنهن بہ اُبتي حرڪت ۾ گمراهي تي حضرت امام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ صبر نہ فرمائيندا، ان کي نظر ايندو هو تہ امام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جهڙو دِين دار جو اثر هروقت ان جي مٿي تي گهمي رهيو آهي، انهي سبب جي ڪري اهو اجا بہ وڌيڪ حضرت امام جي جان جو دشمن هو ۾ انهي ڪري حضرت امام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي شهادت ان جي لاءِ باعثِ مَسَرَّت هوئي. حضرت امام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جو انتقال فرمائڻ هو، يزيد کُلي ڪري (يعني بالڪل آزاد ٿي ويو) مزيد ڪيترن ئي نمونن ۾ قِسمن جي گناهن جو بازار گرم ٿي ويو، حرام ڪاري، پاءُ پيڻ جو نڪاح، سُود، شراب، اعلانيہ رائج ٿيا، نمازن جي پابندي ختم ٿي وئي، بغاوت ۾ سرڪشي اِنتها کي پهچي، خَباثَت کي ايتري قدر مضبوط ڪيو جو مُسلِم بن عُقبہ کي ٻارنهن هزار (12000) يا ويهه هزار (20,000) جي وڏي لشڪر سميت مدينهء طِيبَہَ تي چڙهائي جي لاءِ موڪليو. هي 63 هجري جو واقعو آهي. ان نامراد



www.dawateislami.net

لشڪر مدينۂ طِيبَہ (زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًاوَّتَعْظِيمًا) ۾ اهو طُوفان برپا ڪيو جو الله جي پناه!، قتل، غارت ۽ طرح طرح جا ظلمَ، رسولُ الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَ بَارَکَ وَسَلَّم جي ساٿين تي ڪيا. اتي جي رهڻ وارن جا گهر لُٽي ورتا، ست سو (700) صحابہ عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کي شهيد ڪيو ۽ بين عام شهرين کي مِلائي ڪري ڏهہ هزار (10,000) کان وڌيڪ شهيد ڪيا، نوجوانن کي قيد ڪري ورتو، اهڙيون اهڙيون بد تميزيون ڪيون، جن جو ذڪر ڪرڻ ناگوار آهي. مسجدِ نَبَوِي شريف (عَلٰي صاحِبِهَاالصَّلٰوةُ وَالسَّلَام) جي ٿنڀ ۾ گهوڙا ٻَڌيا، ٽن ڏينهن تائين مسجد شريف ۾ ماڻهو نماز کان مُشَرَّف نہ ٿي سگهيا. صرف حضرت سَعِيد بن مُسَيب رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ مجنون بڻجي ڪري اُتي حاضر رهيا. حضرت سَيدُنا عبدُ الله بن حَنظَلَ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا جن فرمايو تہ يزيدين جون بُريون حرڪتون ان حد تائين پهچي ويون جو اسان کي خوف ٿيڻ لڳو تہ ڪٿي اِن بدڪارين جي سبب آسمان کان پٿر نہ وسن. (الصواعق المحرقہ ،الباب الحادى عشر،الخاتمہ فى بيان اعتقاد اہل السنۃ، ص۲۲۱ملخصاً) پوءِ هي شرير لشڪر، مَڪۂ مُڪرَّمَہ جي طرف روانو ٿيو، رستي ۾ اَمِيرِ لشڪر مري ويو ۽ ٻيو شخص ان جي قائم مقام ڪيو ويو. مَڪۂ مُعَظَّمَہ (زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًاوَّتَعْظِيمًا) پهچي ڪري اُن بي دِينن مِنجَنِيق ( يعني مِنجَنِيق پٿر اڇلائڻ جو اوزار( گليل) هوندو آهي جنهن سان پٿر اڇلائي ڪري ماريو ويندو آهي ان جو نشانو وڏو زبردست ۽ پَري تائين مار ڪندو آهي)ان سان پٿرن جي بارش ڪئي. ان پٿرن جي وَسڪاري سان حَرَم شريف جو صحنِ مُبارَڪ پٿرن سان ڀرجي ويوءِ مسجدِ الحرام جا ٿنيا ٽُٽي پيا ۽ ڪعبۂ مُقَدَّسہ جي غِلاف شريف ۽ ڇت کي اُن بي دِينن ساڙي ڇڏيو. انهي ڇت ۾ ان دُنبي جا



www.dawateislami.net

سگ ۽ تَبَرُّڪ جي طور تي محفوظ هئا، جيڪي حضرت سَيدُنا اسمٰعيل عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي فِديي ۾ قُرباني ڪيا ويا هئا، اهي (سگ) ۽ سڙي ويا، ڪعبۂ مُقدَّسہ ڪيترن ڏينهن تائين بي لباس (بي غلاف) رهيو ۽ اُتي جا رهواسي يزيدي لشڪر جي طرف کان پهچڻ واري سخت مُصيبت ۾ مبُتلا رهيا. (خلاصہ سوانح کربلا،ص ۱۷۷ تا۱۷۹ ،ملخصاً)

## نواسۂ رسول جو خُطبو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! يزيد پليد جيستائين زِنده رهيو ظُلم ۽ سِتَم ٿيندا رهيا. ان جي پوري زندگي بي رحمي جي افسوس ناڪ داستان آهي، يزيد جا هٿ مڪّي ۽ مديني ۽ شُهداءِ ڪربلا جي مظلومن جي رت سان رنگيل آهن، اِقتِدار جي هَوَس (لالچ) ان کي چَريو ۽ اَفرادي قوّت ان کي مَغرُور بڻائي ڇڏيو هو، هئڻ تہ ائين گهرجي ها تہ اهو راڪبِ دوشِ مُصطَفٰي،جِگر گوشۂ مُرتَضٰي، دِلبَندِ فاطمہ، سُلطانِ ڪربلا، سَيدُ الشُّهَدا، اِمامِ عالي مقام، اِمامِ عرشِ مقام،امامِ هُمّام، اِمامِ تِشنہ ڪام جي فضيلتن ۽ ڪمالن جي مُتَعَلِّق فرامينِ مُصطَفٰي صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پيشِ نظر رکي ڪري اُن جي قَدر و مَنزِلَت جو اِعتِراف ڪري ها، اُنهن جي ۽ اُنهن جي ساٿين جي خدمت ڪري جنّت حاصل ڪري وٺي ها، پر آهہ! ان تہ شيطانِ لَعِين ۽ نَفسِ اَمّاره جي غُلامي جو طَوق پنهنجي گلي ۾ وجهي رکيو ۽ مُسلسل بي انصافي جو مُظاهَرو ڪندو رهيو، آخرڪار پنهنجي ناپاڪ منصوبن تي عَمَل ڪندي ان ظالِم ۽ جابِر ۽ فاسق وفاجِر گُلشنِ اهلِ بَيت کي جنهن بي دَردي سان اُجاڙيو ۽



www.dawateislami.net

پياري آقا، مڪي مدني مُصطَفٰي صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي نازُڪ ۽ سهڻن گُلن کي جنهن بي دَردي سان چيڀاٽيو ان جي تصوُّر سان ئي دل لرزي پوي ٿو ۽ اکيون آليون ٿيون وڃن.

ان گُستاخن، بي اَدبن ۽ غدّارن ان ڳالھ جي ڪا پرواھ نہ ڪئي تہ نبي اَڪرَم،نُورِ مُجسَّم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن حضرت سَيدُنا اِمام حُسَين رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ سان پنهنجي مَحَبَّت ۽ اُن جي عظمت ۽ فضيلت کي ڪيتري قدر تاڪيد سان گڏ بيان فرمايو: هُمَا رَيۡحَانَتَایَ مِنَ الدُّنۡيا ، يعني حَسَن ۽ حُسَين (رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا) دُنيا ۾ منهنجا ٻہ(2) گُل آهن.[6] مزيد ارشاد فرمايو: اِنَّ الۡحَسَنَ وَالۡحُسَيۡنَ سَيِّدا شباب اَهۡلِ الۡجَنَّة، يعني حَسَن ۽ حُسَين (رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا) جنّتي جوانن جا سردار آهن.[7]

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

سُلطانِ ڪربلا، حضرت سَيدُنا اِمامِ عالي مقام، اِمام حُسَين رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جيئن تہ تمام گھڻا رَحم دل هئا، تنهنڪري پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ يزيد پليد جي ظالم ۽ جابر ساٿين کي ميدانِ جنگ ۾ دعوتِ فڪر ڏيندا رهيا، گڏوگڏ پنهنجي اَهمّيت ٻُڌائي ڪري اُنهن کي جنگ و جِدال ۽ ظُلم و سِتَم کان باز اچڻ جي مُسلسل نصيحت فرمائيندا رهيا، جيئن تہ ميدانِ ڪربلا ۾ حُجّت پوري ڪرڻ جي لاءِ حضرت سَيدُنا امام حُسَين رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ

6… بخاری،کتاب فضائل اصحاب النبی،باب مناقب الحسن والحسین، ۲/۵۴۷، حدیث:۳۷۵۳

7… ترمذی،کتاب المناقب، باب مناقب ابی محمد الحسن بن علی...الخ، ۵/۴۲۶،حدیث:۳۷۹۳



www.dawateislami.net

جن پنهنجي گهوڙي تي سُوار ٿي ڪري يزيدي لشڪر جو رُخ ڪيو ۽ پوءِ پاڻ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ جن ايتري بلند آواز ۾ سڏ ڏنو، جنهن ڪي سيني ماڻهن ٻڌو، جيئن تہ ارشاد فرمايو: **اي انسانو!** منهنجي ڳالهہ ٻڌو ۽ جلد بازي جو مُظاهَرو نہ ڪريو، ايستائين جو آئون اوهان ڪي ان شيءِ جي مُتَعَلّق نصيحت نہ ڪريان، جيڪا مون تي لازِم ٿي چڪي آهي ۽ پنهنجي اچڻ جو عُذر بيان نہ ڪري وٺان. بس جيڪڏهن توهان منهنجو عُذر قبول ڪري وٺو، منهنجي ڳالهہ جي تصديق ڪريو ۽ منهنجي باري ۾ اِنصاف سان ڪم وٺو تہ توهان ان معاملي ۾ بامُراد ٿي ويندا ۽ توهان ڪان منهنجي مُتَعَلّق ڪو مُواخَذو (يعني سوال) بہ نہ ٿيندو. **ها!** جيڪڏهن توهان منهنجو عُذر قبول نہ ڪندؤ تہ ٻڌو! پوءِ هي آياتِ مُبارَڪ تلاوت فرمائي:

فَاَجْمِعُوْۤا اَمْرَكُمْ وَ شُرَكَآءَكُمْ ثُمَّ لَا یَكُنْ اَمْرُكُمْ عَلَیْكُمْ غُمَّةً ثُمَّ اقْضُوْۤا اِلَیَّ وَ لَا تُنْظِرُوْنِ﴿۷۱﴾

**ترجمو ڪنز الايمان:** پوءِ توهان سمورا پنهنجي ڪوڙن معبودن سميت پنهنجو ڪم پڪو ڪيو تہ پوءِ توهان جي ڪم ۾ ڪو چڳهہ توهان تي نہ رهي پوءِ جيڪو تي سگهيوَ منهنجي واسطي فيصلو ڪيو ۽ مون کي مهلت نہ ڏيو

اِنَّ وَلِیَّ اللّٰهُ الَّذِیْ نَزَّلَ الْكِتٰبَ ﳲ وَ هُوَ یَتَوَلَّى الصّٰلِحِیْنَ﴿۱۹۶﴾

**ترجمو ڪنز الايمان:** بيشڪ منهنجو والي الله آهي جنهن ڪتاب لاٿو ۽ اهو نيڪن کي دوست رکندو آهي.



www.dawateislami.net

پوءِ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ الله عَزَّوَجَلَّ جي حمدو ثناء ڪرڻ کان بعد (انهن يزيدين کي) فرمايو: توهان منهنجي نسبت جي باري ۾ غور ڪري ونو ته مان ڪير آهيان؟ ڇا توهان جي لاءِ منهنجو قتل جائز ۽ درست آهي؟ ڇا مان توهان جي نبي جو ڏوهٽو ناهيان؟ ڇا سيّدالشهداء حضرت سيّدنا حمزه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ منهنجي والد جا چاچا ناهن؟ ڇا حضرت سيّدنا جعفر طيار منهنجا چاچا ناهن؟ ڇا توهان تائين منهنجي ۽ منهنجي ڀاءُ جي متعلق رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو هي ارشاد نه پهتو هو ته توهان ٻئي جنّت جي جوانن جا سردار آهيو جيڪڏهن توهان منهنجي ڳالهه جي تصديق ڪيو (ته ٻڌي ونو) ته اهوئي حق آهي، جو ته مان ان وقت کان ڪوڙ ناهي ڳالهايو جڏهن کان مونکي خبر پئي ته ڪوڙ الله عزوجل کي سخت ناپسند آهي ۽ اگر توهان مونکي جهٽلايو ٿا ته حضرت سيّدنا جابر بن عبدالله، ابو سعيد، سهل بن سعد، زيد بن ارقم يا انس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُم اجمعين کان پڇي ونو جو ته انهن سيني رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان (منهنجي باري ۾) هي فضائل ٻڌا آهن. ڇا منهنجي هن نصيحت ۾ توهان جي لاءِ ڪا اهڙي ڳالهه ناهي جيڪا توهان کي منهنجي خون ڪرڻ کان روڪي سگهي؟ پوءِ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ فرمايو: جيڪڏهن توهان کي منهنجي ڳالهه ۾ يا منهنجي متعلق نبي جو ڏوهٽو هئڻ ۾ ڪو شڪ هجي ته خدا عزوجل جو قسم ته مشرق ۽ مغرب ۾ مون کان سوا توهان ۾ يا توهان جي ڪنهن قوم ۾ نبي جو ڏوهٽو موجود ناهي. ٺورو ٻڌايو ته صحيح، توهان کي مون کان پنهنجي ڪهڙي مقتول جو بدلو طلب ڪرڻو آهي، يا مان توهان جو



www.dawateislami.net

ڪو مال ضائع ڪيو آهي جو ان جي بدلي مال چاهيو ٿا يا توهان ڪي پنهنجي زخمين جو قِصاص درڪار آهي (آخر ڪهڙي شيء جو بدلو چاهيو ٿا) ؟ اهي بدبخت خاموش رهيا، پاڻ فرماياؤن: اي شَبث بن رِبّعي، اي حجّار بن اَبّجر، اي قَيس بن اَشّعث، اي زيد بن حارث! ڇا توهان مونکي هي خط موڪلي نہ گهرايو هو؟ انهن صاف انڪار ڪري ڇڏيو ۽ چيو اسان تہ ايئن نہ ڪيو هو. پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ فرمايو: جي ها خدا عزوجل جو قسم توهان ئي تہ ائين ڪيو هو. پوءِ فرماياؤن: اي انسانو! جيڪڏهن توهان منهنجي بيعت ڪرڻ پسند نہ ٿا ڪيو تہ مون کي ڇڏي ڏيو تہ مان ڪنهن محفوظ جڳهہ ڏانهن هليو وڃان. بدنصيب قَيس بن اَشّعث چيو، توهان ابنِ زياد بدنهاد جو حڪم مڃي وٺو (تہ توهان کي ڇوٽڪارو ملي سگهي ٿو) پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ فرمايو الله عزوجل جو قسم مان هرگز اُن جي بيعت نہ ڪندس. الله جا ٻانهؤ مان پنهنجي ۽ توهان جي ربّ جي پناهہ گهران ٿو هن ڪان تہ توهان مونکي سنگسار ڪيو. مان توهان جي ۽ پنهنجي ربّ جي پناهہ گهران ٿو هر ان مُتَڪَبّر ڪان جيڪو حساب جي ڏينهن تي يقين نہ ٿو رکي.

(الڪامل في التاريخ، سنة احدي و ستين ذڪر مقتل الحسين، ج 3، ص 418)

## ظالم جي ذريعي ظالمن جي هلاڪت

افسوس صد ڪروڙ افسوس! مال و دولت ۽ عهدن جي لالچ يزيدي لشڪر جي اکين تي گمراهي جي پٽي ٻڌي ڇڏي هئي، اهي بدنصيب ماڻهو دنياءِ ناپائيدار جي فاني محبّت ۾ سرشار هئا ۽ شهرت ۽ اقتدار



www.dawateislami.net

جي هَوَس (يعني لالچ) ۾ گرفتار هئا، انهن جون دليون پٿر کان بہ وڌيڪ سخت ٿي چڪيون هيون، انهن تي بد بختي ۽ شيطانيّت غالب اچي چڪي هئي، تنهنڪري انهن تي مظلومِ ڪربلا، امامِ عالي مقام، امام حُسين رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي مُخلصانہ نصيحتن ۽ ارشادن جو ڪو اثر نہ ٿيو، جو تہ اُهي خُونخوار درندا تہ اوهان جي خُون جا پياسا هئا، تنهنڪري نصيحتن جي باوجود سندن سان جنگ ڪرڻ تي بَضد رهيا.

اسان جي غيب دان آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي جيئن تہ ڪربلا جي واقعي جو پهريان کان ئي علم هو ۽ خبر هئي تہ مون تي ڪلمو پڙهڻ وارا ئي منهنجي اهلبيت کي خاڪ ۽ خون ۾ آڻيندا ، تنهنڪري وِصالِ ظاهري کان پهريان ئي حضرتِ سَيِّدُنا عليُ المرتضيٰ، حضرتِ سَيِّدتُنا فاطمةُ الزّهره ۽ حَسَنَيْن ڪريمين رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُم اجمعين کي فرمائي ڇڏيو هو " اَنَا سِلْمٌ لِمَنْ سَالَمْتُمْ، وَحَرْبٌ لِمَنْ حَارَبْتُمْ " يعني جيڪو توهان سان صُلح ڪندو، مان ان جي لاءِ صُلح ڪرائڻ وارو آهيان ۽ جيڪو توهان سان جنگ ڪندو، مان ان سان جنگ ڪرڻ وارو آهيان.

(ابن ماجہ، ج 1، ص 97، حديث 145)

لهٰذا جنهن غَليظ اقتدار جي خاطر انهن بدڪردار ۽ بداطوار يزيدين الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان مهاڏو اٽڪائيندي ميدانِ ڪربلا ۾ خاندانِ اهلبيت تي ظُلم ۽ ستم شروع ڪيا، اُهو اقتداار انهن جي لاءِ تباهي ۽ بربادي جو پروانو ثابت ٿيو. اچو تہ پهريان يزيدي فوج جي بدبختن جي مجموعي انجام جي باري ۾ ٻُڌون تا ۽ پوءِ يزيد پليد جي درد ناڪ انجام جي باري ۾ ٻڌنداسين.



www.dawateislami.net

هوندا تہ دين جي مدد ۽ نصرت جي سعادت اهل حق کي ئي حاصل ٿيندي آهي پر ڪڏهن ڪڏهن ايئن بہ ٿيندو آهي تہ الله تعاليٰ ظالمن، نافرمانن ۽ فاجرن کي اقتدار عطا ڪري انهن جي ذريعي بہ پنهنجي دين جو ڪم وٺندو آهي ۽ ظالمن کي انهن جي هٿان هلاڪ ڪرائيندو آهي. جيئن انين سيپاري سورة الانعام جي آيت نمبر 129 ۾ ارشاد آهي:

وَ كَذٰلِكَ نُوَلِّيْ بَعْضَ الظّٰلِمِيْنَ بَعْضًۢا بِمَا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ﴿۱۲۹﴾

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ اهڙي طرح اسان ظالمن مان هڪڙن کي ٻين تي مُسَلَّط ڪندا آهيون. سندن ڪرتوتن جي بدلي.

حديث شريف ۾ آهي: يعني بيشڪ الله (عَزَّوَجَلَّ) هن دين جو ڪم فاجِر (يعني گنهگار) ماڻهوءَ کان بہ ڪرائيندو آهي. (صحيح بخاري ج 4 ص 274 حديث 6606) شهيدن جي خونِ ناحق جو بدلو وٺڻ جي لاءِ الله عَزَّوَجَلَّ نيڪ 6 سالن کان پوءِ مختار ثقفي جهڙي ڪذاب يعني ڪوڙي ۽ ظالم شخص کي مقرر فرمايو، جنهن هڪ هڪ يزيدي کي چونڊي چونڊي نهايت سفاڪي ۽ بيدردي سان قتل ڪيو، ۽ چو نہ هجي جو حضرت سيدنا عبد الله بن عباس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا فرمائن ٿا: الله تعاليٰ پنهنجي حبيب حضرتِ محمَّدِ مصطفيٰ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي وحي فرمائي تہ مون يحييٰ بن زڪريا (عَلَيْهِمَا الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام) جي قتل جي بدلي ۾ ستر هزار ماڻهو ماريا هئا ۽ بيشڪ مان اوهان جي ڏوهٽي جي بدلي ۾ ان کان ٻيڻا ماريندس. (المستدرڪ للحاڪم ج 4 ص 163 حديث 4875) لهٰذا الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي انهن فرمانن جو ظهور ٿيڻ



www.dawateislami.net

شروع ٿيو ۽ پوءِ هڪبئي پٺيان ابنِ زياد، ابنِ سَعد، شِمر، قَيس بن اَشْعَث ڪندي، خَولي ابنِ يزيد، سنان ابنِ انَس نَخعي، عبدالله ابنِ قَيس، يزيد بن مالِڪ ۽ باقي اهي سڀ بد بخت جيڪي حضرت سيّدُنا امامِ عالي مقام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي قتل ۾ شريڪ هئا ۽ ڪوشش ڪرڻ وارا هئا. (اهي) طرح طرح جي اَذِيّتن سان قتل ڪيا ويا ۽ انهن جا لاش گهوڙن جي سُنبن سان چِترايا ويا. (سوانح ڪربلا ص 183 ملخصًا)

## عبيد الله بن زياد جي هلاڪت

عُبَيدُ الله بِن زِياد يزيد جي طرفان ڪوفي جو والي (گورنر) مقرر ڪيو وي هو. انهي بد نهاد جي حڪم سان حضرت امام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ ۽ سندن اهلبيت کي هي تمام ايذا ۽ تڪليفون پهچايون ويون. اهو ئي ابن زياد (مقامِ) موصل ۾ ٽيهه هزار (30000) فوج سان ويو. (ڪربلا جي واقعي جي نيڪ ڇهه سالن کان پوءِ) مختار ابراهيم بن مالڪ اشتر کي ان جي مقابلي جا لاءِ هڪ فوج ڏئي موڪليو، موصل کان 15 ڪوهن جي فاصلي تي درياءِ فرات جي ڪناري ٻنهي لشڪرن ۾ مقابلو ٿيو ۽ صبح کان شام تائين خوب جنگ ٿي. جڏهن ڏينهن ختم ٿيڻ وارو هو ۽ سج لهڻ وارو هو، ان وقت ابراهيم جي فوج غالب آئي، ابن زياد کي شڪست ٿي (۽) ان جا ساٿي ڀڄي ويا. ابراهيم حڪم ڏنو تہ مخالف فوج جو جيڪو بہ هٿ اچي ان کي زنده نہ ڇڏيو وڃي ۽ تمام گهڻا هلاڪ ڪيا ويا. انهي هنگامي ۾ ابن زياد بہ فرات جي ڪناري محرم جي 10 تاريخ 67ھ ۾ ماريو ويو ۽ ان جي سسي ڪٽي ابراهيم ڏانهن موڪلي وئي، ابراهيم (اها ناپاڪ سسي) مختار



www.dawateislami.net

ڏانهن ڪوفي ۾ موڪليو. مختار دارالامارات ڪوفي کي سينگاريو ويو ۽ اهل ڪوفہ کي جمع ڪري انهيءَ جڳهہ تي اِبنِ زياد جي ناپاڪ مُنڍي رکي وئي جتي ان حڪومت جي غرور ۽ دنيا جي غلام حضرت امامِ حسين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جن جو سر مبارڪ رکيو هو، مختار اهل ڪوفہ کي خطاب ڪري چيو تہ اي اهل ڪوفہ! ڏسي وٺو تہ حضرت سيدنا امام حسين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي خونِ ناحق ابن زياد کي نہ ڇڏيو اڄ ان نامراد جو سر ان ذلت ۽ رسوائي سان گڏ هتي رکيل آهي، 6 سال ٿيا آهن، اها ئي تاريخ، اها ئي جڳهہ آهي، خداوندِ عالم هن مغرور، فرعون جي خصلت واري کي اهڙي ذلت ۽ رسوائي سان هلاڪ ڪيو، انهي ڪوفي ۽ انهي دارالامارت ۾ هن بي دين جي قتل ۽ هلاڪت تي جشن ملهايو پيو وڃي. (سوانح ڪربلا ص 182)

عِماره بن عُمَير رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ جڏهن عبيدالله ابنِ زياد بد نهاد ۽ ان جي ساٿين جون (ڪٽيل) مُنڍيون آڻي مسجد جي صحن ۾ رکيون ويون تہ مان انهن وٽ ويس، ۽ ماڻهو چوڻ لڳا: ” آيو آيو“ (مون ڏٺو) تہ هڪ نانگ آيو، جيڪو سيني مُنڍين جي وچ مان ٿيندو عبيد الله ابنِ زياد بد نهاد جي (منڍيءَ وٽ پهچي ڪري ان جي) ناسن ۾ داخل ٿي ويو ۽ ٿوري دير ترسي هليو ويو ايتري تائين جو غائب ٿي ويو، (ٿوري دير کان پوءِ) ماڻهو وري چوڻ لڳا: ”آيو، آيو“ بہ يا ٽي ڀيرا ايئن ئي ٿيو. (سنن ترمذي ج 5 ص531 حديث 3805 دارالفڪر بيروت)

ظالمن کي کهڙي خبر تہ شهيدن جو رت رنگ لائيندو ۽ سلطنت جا پُرزا اڏي ويندا. هر اهو شخص جيڪو امامِ پاڪ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي



www.dawateislami.net

قتل ۾ شريڪ ٿيو آهي مختلف عذابن سان ماريو ويندو، اهو ئي فرات جو ڪنارو هوندو، اهو ئي عاشوري جو ڏينهن، اها ئي ظالمن جي قوم هوندي ۽ مختار جا گهوڙا انهن کي لتاڙيندا هوندا. انهن جي جماعتن جي گهٽائي انهن کي ڪم نه ايندي، انهن جا هٿ پير ڪٽيا ويندا، گهر ڦُريا ويندا، ڦاهيون ڏنيون ويندين، لاش بدبوءِ ڪري ويندا ۽ دنيا ۾ هر شخص انهن کي ٺُڪون هڻندو، انهن جي مرڻ تي خوشي ملهائي ويندي. جنگ جي ميدان ۾ جيتوڻيڪ انهن جو تعداد هزارن جو هوندو پر اهي ڪوئن ۽ ڪُتن جيان انهن کي جان بچائڻ مشڪل ٿي پوندي، جتي ڏٺا ويندا ماريا ويندا. دنيا ۾ ۽ قيامت ۾ به انهن تي نفرت ۽ ملامت ڪئي ويندي. (سوانح ڪربلا ص 125)

اے تشنگانِ خونِ جوانانِ اہلِ بیت — دیکھا کہ تم کو ظلم کی کیسی سزا ملی
کتوں کی طرح لاشے تمہارے سڑا کیے — گھورے پہ بھی نہ گور کو تمہاری جا ملی
رسوائے خلق ہوگئے برباد ہوگئے — مردودو! تم کو ذلتِ ہر دوسرا ملی
تم نے اُجاڑا حضرتِ زہرا کا بوستاں — تم خود اُجڑ گئے تمہیں یہ بددعا ملی
دنیا پرستو! دین سے منہ موڑ کر تمہیں — دنیا ملی نہ عیش و طرب کی ہوا ملی
آخر دکھایا رنگ شہیدوں کے خون نے — سر کٹ گئے اماں نہ تمہیں اک ذرا ملی
پائی ہے کیا نعیم انہوں نے ابھی سزا — دیکھیں گے وہ جحیم میں جس دم سزا ملی

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هي ته هو يزيدين ۽ يزيد جي مددگار ابنِ زياد بد نهاد جي بدترين ۽ ذلّت ناڪ انجام جو مجموعي ۽ مختصر



www.dawateislami.net

تذڪرو ته ڪيئن مختار ثقفي جي حُڪم تي ان جي لشڪر يزيدي فوج جي هڪ هڪ شخص ڪي موت جي ننڊ سمهاري ڇڏيو، هاڻي ٿورو يزيد پليد جي انجام جي باري ۾ به ٻُڌو.

## يزيد جوانجام

ڪربلا جي واقعي جي ڪجهه ئي ڏينهن ڪان پوءِ يزيد هڪ هلاڪت خيز ۽ انتهائي مُوذي مرض ۾ مبتلا ٿيو، پيٽ جي سُور ۽ آندن جي زخمن جي تڪليف ڪان ماهي بي آب (يعني بغير پاڻيءَ جي مڇي تڙپندي آهي) وانگر تڙپندو رهندو هو. حِمّص ۾ جڏهن ان ڪي پنهنجي موت جو يقين ٿي ويو ته پنهنجي وڏي چوڪري مُعاويه ڪي پاڻ وٽ گهرايو ۽ اُمورِ سلطنت جي باري ۾ ڪجهه چوڻ ئي چاهي پيو ته بي ساخته پُٽ ڪان رڙ نڪتي ۽ نهايت ذلّت ۽ حقارت سان هي چوندي پيءُ جي پيشڪش ڪي ٺُڪرائي ڇڏيو ته جنهن تاج ۽ تخت تي آلِ رسول جي خون جا داغ هجن، مان ان ڪي هرگز قُبول نٿو ڪري سگهان، خدا ان منحوس سلطنت جي وِراثت ڪان مون ڪي محروم رکي، جنهن جي بُنياد نواسهء رسول جي خون تي رکي وئي هجي. يزيد پنهنجي پُٽ جي واتان هي لفظ ٻڌي تڙپي ويو ۽ رنج ۽ غم جي شدّت جي ڪري بستري تي پير هڻڻ لڳو، موت ڪان ڪجهه ڏينهن پهريان يزيد جا آندا ڳري ويا ۽ ان ۾ جيت پئجي ويا، تڪليف جي شدّت ڪان خنزير وانگر رڙيون ڪندو هو، پاڻيءَ جو قطرو نڙيءَ مان لهڻ ڪان بعد نِشّتَر وانگر چُڀڻ لڳندو هو. عجيب قهرِ الاهي جي مارَ هئي، پاڻيءَ جي بغير به تڙپندو هو ۽ پاڻي پي به رڙيون ڪندو هو، آخر ڪار انهيءَ تڪليف جي شدّت ڪان تڙپي



www.dawateislami.net

تڙپي ان جو موت ٿيو، لاش ۾ اهڙي بدبو هئي جو ويجهو وڃڻ مشڪل هو، جيئن تيئن ڪري ان کي دفنايو ويو. (تاريخ ڪربلا، ص 345)

شيخ طريقت امير اهلسنت بانيءِ دعوت اسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ پنهنجي رسالي ”امام حسين جون ڪرامتون“ ۾ يزيدِ پليد جي انجام جي باري ۾ هڪ بيو واقعو نقل ڪندي ارشاد فرمائن ٿا: يزيدِ پليد جي موت جو هڪ سبب اهو بہ ٻڌايو وڃي ٿو تہ هو هڪ رومي نسل جي ڇوڪريءَ جي عشق ۾ گرفتار ٿي ويو هو پر اها ڇوڪريءَ اندروني طور تي ان کان نفرت ڪندي هئي، هڪ ڏينهن عياشي ڪرڻ جي بهاني ان يزيد کي پري ويراني ۾ اڪيلو گهرايو. اتان جي ٿڌين هوائن يزيد کي بدمست ڪري ڇڏيو، اها نوجوان ڇوڪري اهو چوندي تہ جيڪو بي غيرت ۽ ڪمينو پنهنجي نبيءَ جي ڏوهٽي جو غدار هجي اهو منهنجو ڪٿي وفادار ٿي سگهي ٿو، تيز چمڪدار خنجر جا لڳاتار وار ڪري چيري ڦاڙي ان کي اتي ئي اڇلي ڇڏيائين. ڪجھ ڏينهن تائين ان جو لاش ڪانوَن ۽ سِرڻَن جي دعوت ۾ رهيو، آخرڪار ڳوليندي ڳوليندي ان جا نوڪر چاڪر اتي پهتا ۽ کڏ کوٽي ان جي ڏپ ڪري ويل لاش کي اتي ئي لٽي آيا. (امام حسين جون ڪرامتون، ص 31)

هاڻي ٿورو ان جي قبر جو حال بہ ٻڌندا هلو. جيئن تہ

## يزيد جي قبر جو حال

دِمِشق جي پُراڻي قبرستان بابُ الصغير کان ٿورو اڳتي يزيد جي قبر جو نشان هو، جنهن تي اڄ کان ڪيئي سال پهريان ماڻهو سِرون ۽ پٿر



www.dawateislami.net

هٽندا هئا ۽ گهٽو ڪري سِرن جو ڍير لڳل رهندو هو، اُتي هاٽي شِيشو، (۽) لوهه ڳارڻ جي ڀٽي لڳل آهي، ان ڪارخاني ۾ شيشي جا ٿانو ناهيا ويندا آهن، ان شيشي ۽ لوهه کي ڳارڻ واري ڀٽي بلڪل نيڪ جنهن جڳهه تي قبر نهيل هئي، اُتي نهيل آهي. جڻ يزيد جي قبر تي هر وقت باهه ٻرندي رهي ٿي. (شهادت نواسہ سيد الابرار، ص 918)

وہ تَخت ہے کس قَبر میں وہ تاج کہاں ہے
اے خاک بتا زورِ یزید آج کہاں ہے

نہ ہی شِمَر کا وہ سِتَم رہا، نہ یزید کی وہ جَفا رہی
جو رہا تو نام حُسَین کا، جسے زندہ رکھتی ہے کربلا

منا منا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان تہ نبيء اڪرم، نورِ مجسّم صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اهلبيت اطهار سان دشمني رکڻ ۽ انهن کي اذيّت پهچائڻ وارن جو ڪيڏو بدترين انجام ٿيندو آهي جو مرڻ کان بعد انهن کي ڪفن بہ نصيب ناهي ٿيندو، دنيا ۾ بہ ذلّت انهن جو مقدر بڻجي ويندو آهي ۽ آخرت ۾ بہ انهن کي رُسوائي درپيش هوندي ۽ پڻ انهن جو ٺڪاڻو جهنّم جي باهه آهي.

نبيء اڪرم، نورِ مجسّم صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي: جنهن شخص منهنجي اهلبيت تي ظُلم ڪيو ۽ مون کي منهنجي عِترتِ پاڪ (يعني اولاد ) جي باري ۾ اذّيت ڏني، ان تي جنّت حرام ڪئي وئي. (برڪات آل رسول، ص 259) هڪ ٻي َحديث پاڪ ۾ ارشاد فرمايو



www.dawateislami.net

تہ جيڪڏهن ڪو شخص بيت الله شريف جي هڪ ڪُنڊ ۾ مقامِ ابراهيم جي درميان بيهي نماز پڙهي، روزا رکي ۽ پوءِ اهلبيت جي دُشمني تي مري وڃي تہ اهو جهنّم ۾ ويندو. (المستدرڪ، ج 4، ص 129، حديث 4766)

تابعي بزرگ حضرتِ سَيِّدُنا امام حسن بصري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: جن ماڻهن حضرتِ سَيِّدُنا امام حُسين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي قتل ڪيو آهي، جيڪڏهن اُهي الله تعاليٰ جي فضل و ڪرم سان بخشيا بہ وڃن تہ اهي رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڪيئن منهن ڏيکاريندا. خُدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! جيڪڏهن حضرتِ سَيِّدُنا امام حُسين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي قتل ۾ منهنجو دخل هجي ها ۽ مون کي جنّت ۽ دوزخ جو اختيار ڏنو وڃي ها تہ مان دوزخ اختيار ڪيان ها، ان خوف جي سبب تہ جنّت ۾ رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سامهون ڪيئن ويندس.

(تنبيہ المغترين، الباب اول الحسن البصري و قتلة الحسين، ص 54)

منا منا اسلامي ڀائرو! يزيد پليد تي جيئن تہ پنهنجي حُڪومت ۽ سلطنت بچائڻ جو ڀُوت سوار هو، تنهنڪري ان بد بخت اقتدار جي نشي ۾ بد مست ٿي ڪري گُلشنِ فاطمہ کي ايتري قدر بيدردي سان پامال ڪيو جو ٻُڌي ڪري لونءَ ڪاندارجي وڃي ٿي، دل رنجيده ٿي وڃي ٿي ۽ اکين مان بي ساختہ لُڙڪ جاري ٿي وڃن ٿا. بهرحال يزيدين جي انجامِ بد مان هي بہ خبر پئي تہ الله وارن سان دُشمني دُنيا ۽ آخرت ۾ خساري جو باعث آهي، جو تہ ڪربلا جي واقعي ۾ جيترا شخص شهيد ٿيا، اُهي الله عَزَّوَجَلَّ جي مقرّب ترين اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ



www.dawateislami.net

تَعَالٰی مان هئا ۽ جيڪو بدنصيب اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي اولياء سان دشمني رکندو آهي، ان کي اللّٰه... جي طرفان اعلان جنگ ڏنو ويو آهي، جيئن تہ

نبيء اڪرم نورِ مجسّم صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمايو: مَنْ عَادَى لِي وَلِيًّا فَقَدْ آذَنْتُهُ بِالْحَرْبِ ، يعني جيڪو منهنجي ڪنهن ولي سان دشمني ڪري، مان ان سان اعلانِ جنگ ڪيان ٿو.

(بخاري، ج 4، ص 248، حديث 6502)

## يزيد کي پليد چوڻ ڪيئن؟

منا منا اسلامي ڀائرو! ياد رکو! جيڪڏهن يزيدِ پليد پاڻ ابنِ زياد نِهاد جي فوج ۾ شامل نہ رهيو مگر شهيدانِ و اسيرانِ ڪربلا تي جيتري قدر ظلمۇ جفا ڪيو ان ۾ ابن زياد بدنهاد کي نہ صرف يزيد پليد جي ڀرپور رِضا مندي ۽ هن جي مڪمل تائيد و حمايت حاصل رهي بلڪ هن فاسِق و فاجر شخص جي حڪم تي ظالمن جي سردار ابن زياد بد نهاد ۽ هن جي لشڪرن اهل بيت اطهار جي سرِ عام گستاخيون ڪيون ۽ سخت اُس ۾ ميدان ڪربلا جي سر زمين کي جان نثارن جي مبارڪ خون ۾ رنگين ڪيو، لهٰذا يزيد جهڙي پليد بدبخت کي بي قصور قرار ڏيڻ، اهل بيت اطهار رضوان الله تعالٰي عليهم اجمعين سان غداري ، محبان اهل بيت جي دل آزاري، الله عزوجل ۽ هن جي رسول صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ناراضگي ۽ پڻ الله عزوجل جي قهر ۽ غضب ۽ جنّهم جي حقداري جو سبب آهي. هن معاملي ۾ خُلفاءِ راشيدن جو طرزِ عمل اسان جي لاءِ مشعلِ راهہ آهي، اهي حضرت اهل بيت اطهار بالخصوص امام عالي مقام حضرت سيدنا امام حسين



www.dawateislami.net

رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي عزّت و ناموس جا سچا محافظ هئا، يزيد پليد کان انهن کي سخت نفرت هئي نيز اهي نفوس قدسيہ هن پليد کي امير المؤمنين چوڻ وارن بدبختن کي سخت سزا ڏيندا هئا.

دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مكتبة المدينہ جي مطبوعہ 590 صفحات تي مشتمل ڪتاب ”حضرت سيدنا عمر بن عبدالعزيز جي 125 حڪايات“ جا صفحي 392 تي آهي حضرت سيّدنا عمر بن عبدالعزيز قاتل حسين ”يزيد پليد“ کي خليفو تسليم نہ ڪندا هئا، جيئن تہ هڪ ڏينهن دوران گفتگو ڪنهن يزيد امير المؤمنين چيو تہ (پاڻ سخت ناراض ٿيا ۽)ان کي فرمايائون: تون يزيد کي امير المؤنين چوين ٿو؟ پوءِ ان کي 20 ڪوڙا مارڻ جو حڪم ڏنو.

(تاريخ الخلفاء، يزيد بن معاويہ ابو خالد الاموي، ص 209)

اعلي حضرت، امام اهلسنت مولانا شاهہ احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن جي بارگاهہ ۾ جڏهن يزيد جي باري ۾ سوال ڪيو ويو تہ يزيد کي پليد چوڻ شرعًا جائز آهي يا نہ، پڻ ان جي نالي سان گڏ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه چوڻ درست آهي يا نہ؟ تہ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه ارشاد فرماياؤن: يزيد بيشڪ پليد هو. ان کي پليد چوڻ ۽ لکڻ جائز آهي، ۽ ان کي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه نہ چئو مگر ناصبي (يعني پنهنجي سيني ۾ حضرت علي ۽ حسن ۽ حسين رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُم سان بغض ۽ ڪينو رکڻ وارو هو جو) اهل بيتِ رسالت جو دشمن آهي. وَالعِيَاذُ بِاللّٰهِ تَعَالٰى (فتاوي رضويہ، ج 14، ص 603، ملخصًا)



www.dawateislami.net

حضرت علامہ ابن حجر هيتمي مڪي رَحمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا: حضرت سيدنا صالح بن احمد بن حنبل رَحمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيۡه پنهنجي والد حضرت سيدنا امام احمد بن حنبل رَحمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيۡه جن کي عرض ڪيو: (بابا جان!) هڪ قوم اسان تي هي ڳالھ منسوب ڪري ٿي تہ اسان يزيد جا حمايتي آهيون. پاڻ رَحمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيۡه جن فرمايو: يَا بُنَيَّ وَهَل يَتَوَلّٰى يَزِيۡدَ اَحَدٌ يُؤمِنُ بِاللّٰهِ اي منهنجا پٽ! ڇا الله تعالي تي ايمان رکڻ وارو بہ يزيد پليد جو حمايتي ٿي سگهي ٿو؟

(الصواعق المحرمة، الباب الحادي، الخاتمه في بيان اعتقاد اهل السنة، ص 222)

يزيد جو پٽ معاويہ جيڪو نيڪ ۽ صالح هو، امام حسين جي قتل جي سبب پنهنجي پيءُ يزيد غدار ۽ مڪار کان سخت نفرت ڪندو هو، جئين تہ (پنهنجي پيءُ يزيد جي باري ۾) چوڻ لڳو: منهنجي پيءُ کي حڪومت ڏني وئي، اهو نالائق هو، نواسئہ رسول سان وڙهيو، ان جي عمر گهٽ ڪئي وئي ۽ ان جي نسل تباھ ڪئي وئي، اهو پنهنجي قبر ۾ گناهن جي سبب گروي رکيو ويو (يعني قيامت تائين عذاب ۾ مبتلا ٿي ويو) پوءِ روئيندي چوڻ لڳو: اسان تي سڀ کا وڏيڪ گران ان جي بري موت ۽ برو نڪاڻو آهي. ان بدبخت رسول الله عَزَّوَجَلَّ جي اولاد کي قتل ڪيو، شراب حلال ڪئي ۽ ڪعبي جي بي حرمتي ڪئي. (الصواعق المحرمة، الباب الحادي عشر، الخاتمه في بيان اعتقاد اهل السنة، ص 224)

صدر الشريعہ، بدر الطريقہ حضرت علامہ مولانا مفتي امجد علي اعظمي عَلَيۡهِ رَحمَۃُ اللّٰہِ الۡقَوِی فرمائن ٿا: يزيد پليد فاسق، فاجر ۽ ڪبيره



www.dawateislami.net

گناھ ڪرڻ وارو ھو. معاذ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ. ان ڪان ۽ ريحانہ رسول اللّٰه صَلَّی اللّٰه تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سيدنا امام حسين رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ سان ڪھڙي نسبت؟ اڄ ڪلھ تہ بعض گمراھ چون ٿا تہ اسان کي ان جي معاملي ۾ ڪھڙو دخل؟ اسان جا اھي (يعني امام حسين رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ) بہ شھزاده (آھن)، اھي (يزيد پليد) بہ شھزاده (آھن) ائين بڪڻ وارو مردود، خارجي، ناصبي (يعني پنھنجي سيني ۾ حضرت علي ۽ حسن و حسين رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُمْ سان بغض و ڪينو رکڻ وارو آھي ۽) مستحق جھنم آھي.

(بھار شريعت، ج 1، ص 261)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ڪربلا جو پيغام

منا منا اسلامي ڀائرو! يقينًا جيستائين زمين ۽ آسمان جو وجود باقي رھندو، ڪربلا جو واقعو عاشقان صحابہ و اھلبيت کي صبر و تحمل، ايثار و قرباني ۽ گلشنِ اسلام جي آبياري جو درس و پيغام ڏيندو رھندو. خفا ڪار و ستم شعار يزيدين جھڙي طرح ۽ بي ديني جو مظاھرو ڪيو يقينًا تاريخ ۾ ان جي مثال نہ ملي سگھندي، ان جي باوجود تہ گھر جو گھر سڄو لٽيو ويو، ڪئي ٻيبيون بيواھ ۽ ٻار يتيم ٿي ويا، امام رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ جن جا ساٿي، ھاشمي جوان، مسلم بن عقيل ۽ ان جي اولاد، فرزندانِ علي ۽ شھزادگانِ حسنين ڪريمين رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُمَا يزيدي لشڪر جي زھريلي تير ۽ تلوار ۽ نيزن سان زخمي ٿي ڪري وقفي وقفي سان رسول جي نواسي جن جي قدمن تان نثار



www.dawateislami.net

ٿيندا رهيا. يزيدن جي بي مروتي ۽ بي غيرتي جو عالم هي هو تہ ڪير پياڪ ننڍڙو علي اصغر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ اُڃ جي سختي سان تڙپندو رهيو، آخرڪار تير جو شڪار ٿي ڪري شهادت سان سرفراز ٿيا. گمراهي جي علمبردارن چمن زهرا جي سرسبز باغ کي ڏينهن ڏٺي جو تباهہ و برباد ڪري رکي ڇڏيو. مگر قربان وڃو ميدان جنگ جي بهادر شهسوار، اهلبيت اطهار رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُم اَجۡمَعِیۡن جي روشن تارن ۽ گلشن فاطمہ جي جگر پارن جن جي همت ۽ صبر و استقلال تان جو ايتري قدر دل ڏڪائيندڙ مصائب و آلام ۾ مسلسل ٿي ڏينهن بک ۽ اڃ برداش ڪري بہ قبر و استقلال سان گڏ باطل جي خلاف وڙهندا رهيا ۽ صبر جو دامن مضبوطيءَ سان پڪڙي رکيو، ڇو تہ هي هڪ آزمائش ٿي ۽ الله وارن جي هميشہ کان اها شان رهي آهي تہ آزمائشن ۾ صبر و برداشت سان ڪم وٺندا آهن. جئين تہ

عبد الملڪ بن مروان جي وقت ۾ جڏهن پيهر حضرت سيدنا علي بن حسين، امام زين العابدين رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ قيد ڪيا ويا ۽ لوهي جي وزني قيد و بند جو وزن ان جي نازڪ بدن تي وڌو ويو. پهرا دار مقرر ڪيا ويا، امام زهري رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ انهي حالت کي ڏسي ڪري روئي ڏنو ۽ چيو: منهنجي تمنا هئي تہ آئون پاڻ جي جڳهہ تي هجان تہ پاڻ تي هي بار مصائب دل تي گوارا نہ آهي. ان تي حضرت سيدنا امام زين العابدين رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جن فرمايو: ڇا توهان جو هي خيال آهي تہ ان قيد و بندش کان مون کي ڪرب و بي چيني آهي. حقيقت هي آهي تہ جيڪڏهن مان چاهيان تہ انهن مان ڪو بہ نہ رهي، هي فرمائيندي سنگهرين مان پير



www.dawateislami.net

ڪدي ۽ هٿڪڙين مان هٿ ڪدي ڇڏيا. (المنتظم، سنة اربع و تسعين، ص 530، علي بن الحسين، ج 2، ص 330)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! بيشڪ اسيرانِ ۽ شهيدانِ ڪربلا جو هي صبر قابلِ تحسين ۽ پيروي ڪرڻ جهڙو آهي. تنهن ڪري اسان کي بہ گهرجي تہ جيڪڏهن اسان تي ڪائي اچانڪ مصيبت اچي، مثلاً قريبي رشتيدار وفات ڪري وڃي، يا ٻار بيمار ٿي وڃي، يا ڦُر ٿي وڃي، يا ڪوئي حادثو پيش اچي، پوليس گرفتار ڪري وٺي، يا مقدمو قائم ٿي وڃي، رقم يا گاڏي وغيره گم يا چوري ٿي وڃي، سردي ۽ گرمي يا لوڊ شيڊنگ ۽ مهانگائي شدت اختيار ڪري وڃي، نوڪري کان ڪڍيو وڃي الغرض مصيبتن جو هجوم ٿي وڃي ان وقت ڪربلا جي مظلومن جي مصائب و آلام کي ياد ڪري صبر و استقلال جو مظاهرو ڪندي صبر صبر ۽ صرف صبر کان ڪم وٺجي تہ مصيبتن تي صبر ڪرڻ وارن کي الله تعالي عَزَّوَجَلَّ پنهنجي فضل و ڪرم سان بروز قيامت بيشمار انعام و اڪرام سان سرفراز فرمائيندو.

حسن اخلاق جي پيڪر، نبين جي تاجور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: الله عَزَّوَجَلَّ فرمائي ٿو: جڏهن مان پنهنجي ڪنهن ٻانهي جي بدن يا ان جي اولاد يا ان جي مال جي طرف ڪائي مصيبت موڪليان، پوءِ اهو صبر و جميل سان ان جو استقبال ڪري، تہ قيامت



www.dawateislami.net

جي ڏينهن مون کي ان کان حيا ايندو تہ مان ان جي لاءِ ميزان قائم ڪيان يا ان جو اعمال نامو کوليان. (ڪنز العمال، الجزء 3، 2، ص 115، حديث 6558)

البتہ اگر صبر نہ ڪيو يا بغير شرعي عذر جي ڪنهن تي اظهار ڪري ناشڪري جا لفظ ڳالهائڻ جي ناداني ڪئي تہ ياد رکو: ثواب حاصل ٿيڻ تہ ڇا الٽو خساري جو باعث ٿيندو، جئين تہ مديني جي تاجدار صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عبرت نشان آهي: مصيبت جي وقت رانن تي هٿ هڻڻ اجر کي برباد ڪري ڇڏيندو آهي. (فردوس الاخبار، ج 2، صفحہ 42، حديث 3717)

حضرت سيدنا عمر بن خطاب رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان مروي آهي: جنهن کي ڪا مصيبت پهچي پوءِ اهو ان جي سبب ڪپڙا ڦاڙي يا رخسار (ڳل) تي ٿڦڙون هڻي (يعني منهن مٿو پِٽي) يا گريبان ڦاڙي يا وار پَٽي تہ ڄڻ ان پنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ سان جنگ ڪرڻ لاءِ نيزو ڪٽي ورتو. (ڪتاب الڪبائر، ص 226)

الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي بہ اسيرانِ ۽ شهداءِ ڪربلا رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُم اَجْمَعِيْن جي صدقي مصيبتن تي صبر ڪرڻ ۽ اهڙن موقعن تي شڪوه شڪايت ڪرڻ کان بچڻ جي توفيق عطا فرمائي.

آمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! يزيد پليد مال، ملڪيت ۽ شهرت جي مَحَبَّت جي ڪري ڪربلا جي ڀيانڪ واقعو ٿيو. ان ظالم بدانجام کي



www.dawateislami.net

امامِ عالي مقام سيّدُنا امامِ حُسين رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جي ذاتِ گرامي کان پنهنجي اقتدار کي خطرو محسوس ٿيندو هو. حالانڪ سيّدُنا امامِ حسين رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کي ناپائيدار دنيا سان ڪهڙو تعلق! پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ تہ ڪالهہ بہ امتِ مسلمہ جي دلين جا تاجدار هئا، اڄ بہ آهن ۽ قيامت تائين رهندا. پر ان بد بخت مال ۽ دولت جي هوس جي نشي ۾ بد مست ٿي ڪري پنهنجي آخرت سان گڏوگڏ دنيا بہ تباهہ و برباد ڪري ڇڏي، واقعي دنيا جي محبت هر فتني ۽ فساد جو سبب آهي. جيئن تہ

حضرتِ سيّدُنا حسن بصري رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جن کان مرسلاً مروي آهي: حُبُّ الدُّنۡيَا رَأۡسُ كُلِّ خَطِيۡئَةٍ يعني دنيا جي محبت هر بُرائيءَ جي پاڙ آهي.

(الجامع الصغير، ص 223 حديث 3662)

اهڙي طرح فرمانِ مصطفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: جنهن کي دنيا جي محبت جو شربت پياريو ويو اهو ٽن شين جو مزو ضرور چکيندو. (1) اهڙي سختي جنهن سان ان جي ٿڪاوٽ دور نہ ٿيندي (2) اهڙو حرص جنهن سان اهو غني نہ ٿيندو (3) اهڙي خواهش جنهن کي پورو نہ ڪري سگهندو، ڇو تہ دنيا طالبہ (طلب ڪرڻ واري) ۽ مطلوبہ (جنهن کي طلب ڪيو وڃي) آهي، تنهن ڪري جنهن دنيا کي طلب ڪيو، آخرت ان جي مرڻ تائين ان کي تلاش ڪندي رهندي، جڏهن اهو مري ويندو تہ ان کي پڪڙي وٺندي، ۽ جنهن آخرت طلب ڪئي، دنيا ان کي ڳوليندي رهندي ايستائين جو ان مان پنهنجو پورو رزق حاصل ڪري وٺي. (طبراني ڪبير، رقم 10328، ج 10، ص 162)

هڪ ٻي حديثِ پاڪ ۾ آهي تہ: ”بہ بُکيا بگهڙ ٻڪرين ۾ ڇڏيا وڃن



www.dawateislami.net

(تہ) اهي ايترو نقصان ناهن پهچائيندا جيترو مال و دولت جو حرص ۽ حب ِ جاه انسان جي دين کي نقصان پهچائيندا آهن.“

(جامع ترمذي، ص 1890 حديث 2376)

ياد رهي! جيڪو شخص پنهنجي ايمان جي حفاظت جي فڪر ۾ رهندو آهي، تہ اهو دنيا جي رنگينين ۽ ان جي آسائشن جي ڌوکي ۾ نہ ٿو پئجي سگهي. تنهن ڪري اسان کي بہ دنيا جي فاني لذتن ۾ گم ٿيڻ جي بجاءِ هر وقت پنهنجي ايمان جي سلامتي ۽ قبر ۽ آخرت جي بهتري جو فڪر ڪرڻ گهرجي، يقينًا هڪ مسلمان جي لاءِ سڀ کان قيمتي سرمايو ان جو ايمان آهي، جيڪڏهن ايمان سلامت رهيو تہ نجات جي اميد ڪري سگهجي ٿي ۽ جيڪڏهن معاذ الله گناهن جي ڪثرت ۽ نحوست جي سبب ايمان ئي برباد ٿي ويو تہ پوءِ نجات جي ڪائي صورت نہ هوندي.

تاج و تخت و حکومت مت دے | کثرتِ مال و دولت مت دے
اپنی رضا کا دے دے مژدہ | یا اللہ میری جھولی بھر دے

## ڪتاب ”سوانح ڪربلا“ جو تعارف

منا منا اسلامي ڀائرو! ڪربلا جي واقعي کي مزيد تفصيل ڄاڻڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مکتبة المدينہ جي مطبوعہ 192 صفحات تي مشتمل ڪتاب ”سوانح ڪربلا“ جو مطالعو نهايت مفيد آهي. هن ڪتاب ۾ اهلبيت ۽ خلفاءِ راشدين رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُمْ اَجْمَعِيْن جن جي فضائل بيان ڪرڻ سان گڏوگڏ ڪربلا جي واقعن ۽



www.dawateislami.net

مختلف ڳالهين ڪي ڪافي تفصيل سان ذڪر ڪيو ويو آهي ۽ امام حسين رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ جن جي شهادت کان پوءِ يزيدين جي طرفان مڪي ۽ مديني ۾ ڪئي ويڄڻ واري فتني ۽ فساد ۽ انهن جي بدترين انجام ڪي بہ بيان ڪيو ويو آهي. تنهنڪري اڄ ئي هن ڪتاب جي مڪتبة المدينہ جي بستي تان هديةً طلب فرمائي پاڻ بہ هن جو مطالعو ڪيو ۽ ٻين اسلامي ڀائرن ڪي بہ هن جي ترغيب ڏياريو. دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان هن ڪتاب ڪي رِيڊ (يعني پڙهي) بہ سگهجي ٿو، ڊائون لوڊ (Download) ۽ پرنٽ آئوٽ (Printout) بہ ڪري سگهجي ٿو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## جامعة المدينہ جو تعارف

منا منا اسلامي ڀائرو! صحابہ ۽ اهلبيت رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُمْ اَجْمَعِیْن جو فيض حاصل ڪرڻ ۽ ٻين نيڪ ڪمن ۾ استقامت حاصل ڪرڻ لاءِ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابستگي نهايت مفيد آهي. تنهنڪري اوهان سان مدني التجا آهي تہ دعوت اسلامي جي مهڪندڙ مدني ماحول سان هر دم وابستہ رهو. اِن شآءَ الله عَزَّوَجَلَّ دنيا ۽ آخرت جون بيشمار ڀلايون حاصل ٿينديون. الحمد الله عَزَّوَجَلَّ دعوت اسلامي تادمِ تحرير 97 کان وڌيڪ شعبن ۾ سنتن جي خدمت ۾ مصروفِ عمل آهي، انهن مان هڪ شعبو جامعة المدينہ بہ آهي.



www.dawateislami.net

دعوت اسلامي جي زيرِ اهتمام جامعة المدينہ جي سڀ کان پهرين شاخ 1995ع ۾ باب المدينہ ڪراچي ۾ نيو ڪراچي جي علائقي گودهرا ڪالوني ۾ کولي وئي ۽ هن وقت پاڪستان جي ڪيترن ئي شهرن کان علاوه الحمد الله عَزَّوَجَلَّ دنيا جي مختلف ملڪن مثلاً هند، جنوبي آفريقا، انگلينڊ، نيپال ۽ بنگلاديش وغيره ۾ بہ جامعة المدينہ للبنين ۽ جامعة المدينہ للبنات قائم آهن. جنهن ۾ هزارين اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون علمِ دين حاصل ڪري نہ صرف پاڻ فائدو حاصل ڪري رهيا آهن بلڪ ٻين کي بہ علم جي نور سان منور ڪرڻ ۾ مصروف آهن. جامعة المدينہ جي خصوصيت هي بہ آهي تہ هنن جامعات المدينہ ۾ طلبہ کي نہ صرف ديني تعليم سان آراستہ ڪيو ويندو آهي بلڪ انهن جي اخلاقي ۽ روحاني تربيت جي طرف ڀرپور توجہ ڏني ويندي آهي. شيخ طريقت امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة هنن طلباء سان پنهنجي محبت جو اظهار ڪندي ارشاد فرمائن ٿا: مان دعوتِ اسلامي جي جامعة المدينہ جي طلبہ ڪرام سان گهڻي محبت ڪريان ٿو ۽ انهن جي صدقي سان پنهنجي لاءِ دعاءِ مغفرت ڪندو آهيان. الحمد الله عَزَّوَجَلَّ جامعة المدينہ جا طلبہ پنج وقت نماز کان علاوه ٻيا نوافل بہ پڙهندا آهن ۽ گهڻا طلبہ ملي ڪري صلوٰة التوبہ تهجد اشراق ۽ چاشت جي نمازن جو اهتمام بہ ڪندا آهن. تنهن ڪري اسان کي بہ گهرجي تہ پنهنجي ٻارن کي جامعة المدينہ ۾ داخل ڪرائي انهن جي دنيا ۽ آخرت بهتر بڻايون.



www.dawateislami.net

الله کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں
اے دعوتِ اسلامی تیری دھوم مچی ہو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بيان جو خلاصو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ جي بيان ۾ اسان يزيد پليد ۽ ان جي ناپاڪ فوج جي فتنه پَرْوَري، ظُلم و زيادتي ۽ ذلّت آميز انجام جي باري ۾ ٻُڌو، نبيءِ **ڪريم** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان فتني فساد ۽ ظُلم و زيادتي جي باري ۾ پهريان ئي واضح طور تي ارشاد فرمائي ڇڏيو هو ته سڀ کان پهريان منهنجي سنّت بدلائڻ وارو بنو اُميّه جو يزيد نالي شخص هوندو ۽ پڻ هي به فرمايو ته منهنجي اُمّت ۾ عَدل ۽ انصاف قائم رهندو ۽ پوءِ بنو اُميّه جو يزيد نالي هڪ شخص اچي ان عَدل ۽ انصاف ۾ رُخنو وجهندو ۽ پوءِ ايئن ئي ٿيو ته ان بد بخت عَدل ۽ انصاف کي پاڙان پٽي تاريخ جي صفحن تي ظُلم ۽ زيادتي جو اهو داستان لکيو جنهن کي پڙهي ٻُڌي ڪري بدن لرزي ۽ اکيون اشڪبار ٿي وڃن ٿيون. ان بدبخت جي ظُلمن کان مڪي مديني جي عام ماڻهن کان وٺي صحابهء ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان بلڪ اهلبيت اَطْهار ۽ حضرتِ سَيِّدُنا امام حُسين رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ تائين ڪوئي به محفوظ نه رهيو. امام حُسين رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي شهادت کانپوءِ صحابهء ڪِرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان سميت ڏهه هزار (10000) کان وڌيڪ ماڻهن کي شهيد ڪرڻ، وياج،



www.dawateislami.net

شراب، بدڪاري کي عام ڪرڻ، ياءُ پيڻ جي نڪاح کي جائز قرار ڏيڻ، مَعاذاللّٰه عَزَّوَجَلَّ مديني شريف کي گھوڙن جي نجاست سان خراب ڪرڻ، ڪعبهء معظمه تي پٿر وسائڻ ۽ ان جي مقدّس غلاف کي باھ ڏيڻ، يزيدين جي گناهن جو اُهو انبار هو جنهن جي سبب صحابهء ڪِرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَانۡ کي هي خدشو ٿيو ته بَطورِ عذاب انهن ماٿهن تي آسمان مان پٿر وسندا.

بهرحال سچ آهي ته بُري ڪم جو انجام بُرو آهي، جيئن ته ڪربلا جي واقعي کي گھڻو عرصو نه گُذريو هو ته يزيد کي هڪ ڇوڪريءَ تيز ڌار واري خنجر سان قتل ڪري ان جي لاش جي بغير ڪفن جي ويراني ۾ اُڇلي ڇڏيو ۽ پڻ ٻين يزيدين کي به مُختار ثقفي جي هٿان ذلّت واري انجام کي منهن ڏيڻو پيو. يقيناً يزيد ۽ يزيدين کي انهن ناپاڪ ڪمن جي ڪري قيامت تائين دُنيا انهن کي بُري لقبن سان ياد ڪندي. جيئن ته اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه به يزيد کي پليد چوڻ جي شرعي اجازت ۽ ان جي باري ۾ سُنا لفظ استعمال ڪرڻ مثلاً ان پليد کي اميرالمُؤمنين چوڻ لکڻ يا ان سان رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه لکڻ منع فرمايو ۽ يزيد پليد جي لاءِ سُنا لفظ استعمال ڪرڻ وارن جي مُذمّت بيان ڪندي انهن کي اهلبيت سان دُشمني رکڻ وارن ۾ شُمار فرمايو. بلڪ خليفهء راشد حضرتِ سَيِّدُنا عُمر بن عبدالعزيز رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه ته يزيد کي اميرالمُؤمنين چوڻ واري هڪ شخص کي دُرّا (يعني ڪوڙا) به هڻايا.



www.dawateislami.net

الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي صحابہ ۽ اهلبيت رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُم اَجْمَعِيْن جي محبّت ۾ جيئڻ مرڻ نصيب فرمائي.

آمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## 12 مَدَني ڪمن مان هڪ مَدَني ڪم "مَدَني قافلو" ۾ آهي

منا منا اسلامي ڀائرو! صحابہء ڪرام ۽ اهلبيت اطهار جي محبّت ۽ اُلفت جو جام پيئڻ پيارڻ، شُهداء ڪربلا جي بي مثال قربانين جون يادون تازيون ڪرڻ ۽ انهن جي مدني پيغام کي سڄي دُنيا ۾ عام ڪرڻ جي لاءِ تبليغِ قرآن ۽ سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو ۽ ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن ۾ اڳتي وڌي حصو وٺو. ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن مان ماهوار هڪ مدني ڪم ، راهِ خُدا ۾ سفر ڪرڻ وارن مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سفر بہ آهي. احاديثِ مبارڪ ۾ ڪوڙ سارين جڳهن تي راهِ خُدا ۾ سفر جا فضائل بيان ڪيا ويا آهن. جيئن تہ حضرتِ سيّدَتُنا عائشہ صديقہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا کان روايت آهي تہ ٻنهي جهانن جي تاجور، سلطانِ بَحرّ و بَر صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جنهن شخص جي دل راهِ خُدا ۾ خوف جي سبب ڌڙڪڻ لڳندي آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ اُن تي جهنّم حرام فرمائي ڇڏيندو آهي. (مسند امام احمد، مسند السيده عائشہ، ج 9، ص 369، حديث 24602) هڪ ٻي جڳهہ تي ارشاد فرمايو: جنهن ٻانهي جا پير راهِ خدا ۾ ميرا ٿين، انهن کي جهنّم جي



www.dawateislami.net

باھه نه ساڙيندي. (بخاري، ج 2، ص 257، حديث 2811) اچو! اوھان جي ترغيب ۽ تحريص جي لاءِ مدني قافلي جي ھڪ مدني بهار اوھان کي ٻُڌايان ٿو. جيئن ته

اسی ماحول نے ادنیٰ کو اعلیٰ کر دیا دیکھو

شاھدره (مرڪز الاوليا لاھور) جي ھڪ اسلامي ڀاءَ جي بيان جو خُلاصو آھي، آئون پنھنجي ماءُ پيءُ جو اڪيلو پٽ ھئس، گھڻي لاڏ پيار مون کي حد درجي جو ضدي ۽ ماءُ پيءُ جو سخت نافرمان بڻائي ڇڏيو ھو. سڄي رات اجايو رلندو ھوس ۽ صبح دير تائين سمھندو ھوس. ماءُ پيءُ سمجھائيندا ھئا ته انھن کي دڙڪا ڏيندو ھوس. اھي ويچارا ڪڏھن ڪڏھن روئي پوندا ھئا. دعائون گھرندي گھرندي امڙ جون اکيون آليون ٿي ويندڀون ھيون. ان عظيم گھڙيءَ تي لک سلام جنھن ”گھڙي“ مون کي دعوتِ اسلامي واري ھڪ عاشقِ رسول سان ملاقات جي سعادت ملي ۽ ان محبت ۽ پيار سان انفرادي ڪوشش ڪندي مون پاپي ۽ بدڪار کي مدني قافلي ۾ سفر لاءِ تيار ڪيو. جيئن ته آئون عاشقانِ رسول سان گڏ ٽن ڏينھن جي مدني قافلي جو مسافر بڻجي ويس. نه ڄاڻي انھن عاشقانِ رسول ٽن ڏينھن جي اندر ڇا گھوٽي پياريو جو مون جھڙي ضدي انسان جي پٿر جھڙي دل جيڪا ماءُ پيءُ جي ڳوڙھن سان به نه پگھرندي ھئي، ميڻ بڻجي وئي. منھنجي دل ۾ مدني انقلاب برپا ٿي ويو ۽ آئون مدني قافلي مان نمازي بڻجي موٽيس. گھر اچي مون سلام ڪيو، والد صاحب جا ھٿ چميا ۽ امڙ جا به پير چُميا. گھر وارا حيران ٿيا! ته ھن کي ڇا ٿي ويو آھي، ڪالھه تائين جيڪو ڪنھن جي



www.dawateislami.net

ڳالھ ٻُڌڻ جي لاءِ تيار نہ ھو اُھو اڄ ايڏو باادب ٻڄجي ويو آھي! اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول جي صحبت مون کي بلڪل بدلائي ڇڏيو ۽ ھي بيان ڏيڻ وقت مون اڳوڻي بي نمازيءَ کي مسلمانن کي نمازِ فجر جي لاءِ جاڳائڻ جي يعني **صداءِ مدينه** لڳائڻ جي ذمہ داري مليل آھي. (**دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول ۾ مسلمانن کي نمازِ فجر جي لاءِ اٿارڻ کي صداءِ مدينه لڳائڻ چوندا آھن)

کر سفر آؤ گے، تم سُدھر جاؤ گے
مانگو چل کر دُعا، قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو !** بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شھنشاھِ نُبُوّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آھي: جنھن منھنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنھن مون سان محبت ڪئي اھو جنّت ۾ مون سان گڏ ھوندو.

(ابن عساڪر ج 9 ص 343)

سینہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا
جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

اچوته شيخ طريقت اَميرِ اهلسُنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي رسالي ”163 مَدَني گُل“ مان عمامو شريف ٻڌڻ جون سنتون ۽ آداب ٻُڌون ٿا.

## عمامي شريف جون سنتون ۽ آداب

۞ ٻه فرامين مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم : ۞ عمامي سان گڏ ٻه رڪعتون نماز (پڙهڻ) بغير عمامي جي ستر 70 رڪعتن کان افضل آهي . (الفردوس بماثورالخطاب ج 2 ص 265 حديث 3233) ۞ ٽوپي تي عماماواسان ۽ مشرڪن جي وچ ۾ فرق آهي، هر وَرَ جيڪو مسلمان پنهنجي مٿي تي ڏيندو ان کي قيامت جي ڏينهن هڪ نور عطا ڪيو ويندو. (الجامع الصغير للسيوطي ص353 حديث 5725)

۞ عمامو قبلي ڏانهن منهن ڪري بيهي ٻڌو. (ڪشف الالتباس في استحباب اللباس للشيخ عبدالحق الدهلوي ص 38) ۞ عمامي ۾ سنت هي آهي ته اڍائي گز کان گهٽ نه هجي، نه ڇهه گز کان وڌيڪ، ۽ ان جي بندش گنبذ نما هجي. (فتاويٰ رضويه ج22 ص 186) ۞ رومال جيڪڏهن ايترو وڏو هجي جيڪو مٿي کي چگي طرح ڍڪي ته اهو عمامو ئي آهي ۞ عمامي کي جڏهن نئي سري سان ٻڌڻو هجي ته جيئن ٻڌيل آهي ائين کوليو ۽ هڪ مهل زمين تي نه اُڇلايو. (فتاويٰ عالمگيري ج 5 ص 330)

۞ جيڪڏهن ضرورتاً لاٿو، ۽ ٻيهر ٻَڌڻ جي نيّت هجي ته هڪ هڪ پيچ کولڻ تي هڪ هڪ گناهه مٽايو ويندو . (ملخص از فتاويٰ رضويه ج 6 ص 214) ۞ عمامي جا ڇهه طبي فائدا ملاحظ فرمايو: مٿي اگهاڙي رهندڙ جي وارن تي سردي گرمي ۽ اُس وغيره سڌو



www.dawateislami.net

سنئون اثر ڪندي آهي ان سان نہ صرف وار بلڪ دماغ ۽ چهرو بہ متاثر ٿيندو آهي ۽ صحت کي نقصان پهچي سگهي ٿو، تنهن ڪري سنت جي پيروي جي نيت سان عمامو شريف ٻڌڻ ۾ ٻنهي جهانن ۾ عافيّت آهي ۞ طِبّي تحقيق مطابق مٿي جي سور لاءِ عمامو شريف پائڻ تمام فائديمند آهي ۞ عمامو شريف پائڻ سان دماغ کي قوت ملندي ۽ حافظو مضبوط ٿيندو آهي ۞ عمامو شريف ٻڌڻ سان دائمي نزلو ناهي ٿيندو يا ٿيندو تہ ان جا اثرات گهٽ هوندا آهن ۞ عمامي شريف جو شِملو هيٺين ڌڙ جي فالج وغيره کان بچائي ٿو چو تہ شِملو حرام مغز کي موسمي اثرن مثلاً سردي گرمي وغيره کان تحفظ فراهم ڪندو آهي ۞ شِملو "سَرسام" جي مرض جو خطرو گهٽ ڪندو آهي. دماغ جي وَرَم (يعني سوڄ) جي مرض کي سر سام چوندا آهن.

هزارين سنّتون سکڻ جي لاءِ **مكتبة المدينه** جا شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهارِ شريعت" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنتیں اور آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنّتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو **دعوتِ اسلامي** جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سفر آهي.

لوٹنے رحمتیں قافِلے میں چلو سیکھنے سنّتیں قافِلے میں چلو
ہے نبی کی نظر قافلے والوں پر پاؤ گے راحتیں قافِلے میں چلو

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد



www.dawateislami.net

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن پري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[8]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حَضرَتِ سَيِّدُنَا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[9]

---

[8] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[9] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65



www.dawateislami.net

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.(10)

## (4) ڇهلک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حَضرَتِ اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللّٰهِ الهَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي. (11)

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو ته حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَهَ ڪرام رَضِیَاللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو ته اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي ته هيئن پڙهندو آهي.(12)

---

[10]...القول البديع، الباب الثانى، ص277،

[11]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[12]...القول البديع، الباب الاول، ص125



www.dawateislami.net

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[13]

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حَضرَتِ سَيِّدُنَا ابنِ عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[14]

## (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4415)

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

---

[13] ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

[14] ... مجمع الزوائد،ڪتاب الادعية،باب فى ڪيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305



www.dawateislami.net